جلد ٽيون: شمارو ٽيون

سال: سيپٽمبر 2000

ڪلاچي

تحقيقي جرنل

شاھ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، سنڌي شعبو ڪراچي

ڪلاچي

جلد ٽيون: شمارو ٽيون
سال: سيپٽمبر 2000

تحقيقي جرنل

ايڊيٽر

ڊاڪٽر فهميده حسين

ٻانهن ٻيلي

طارق عزيز شيخ
غفور ميمڻ

شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ۽ سنڌي شعبو
ڪراچي يونيورسٽي

ڪلاچي

تحقيقي جنرل

ايڊيٽر : ڊاڪٽر فهميده حسين
ڇاپو: پهريون
سال سيپٽمبر 2000ع
ڪمپوزنگ: ميڊيا ڪميونيڪيشن فون نمبر 7760498
ڪمپوزر : شوڪت علي وڳڻ
ڇپائيندڙ : شاهه عبداللطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽي
ڇپيندڙ : شعبو تصنيف، تاليف ۽ ترجمو ڪراچي يونيورسٽي
قيمت : 50 رپيا

KALACHI

Research Journal

Editor : Dr. Fahmida Hussain
Published by : Sahah Abdul Latif Bhitai Chair
Sindhi Department Uuiversity of Karachi
Composer : Media Comunication Ph:7760498
Composed by : Shoukat Ali Waggan
Printed by : PRINTED AT KARACHI UNIVERSITY PRESS

فهرست

ڀاڱو پهريون

شاهه عبداللطيف ڀٽائي

1. شاهه جي شاعريءَ جون ٻي نام عورتون	فريده بشير	8
2. عشق ناهي راند......	سليم ڀٽو "لطيفي"	23
3. وصالان فراق جي سچي ڳالهه ڳري	انب گوپانگ	31
4. شاهه جو ڪلام: وحدت الوجود جي روشني ۾	طارق عزيز شيخ	40
5. شاهه لطيف جي شاعري ۾ ڏک جو فلسفو	غفور ميمڻ	50

ڀاڱو ٻيو

1. سنڌيءَ جو خمير، سنڌ جي سرزمين	ڊاڪٽر غلام علي الانا	60
2. ادبي وابستگي ڇا آهي؟	ڊاڪٽر فهميده حسين	87
3. صوفي دلپت سيوهاڻي	ڊاڪٽر نواز علي شوق	100
4. ٽرجا ڏوهيڙا.	حاجي محمد ڪنير	111
5. تنوير جي شاعري ۾ سر ۽ سچ جو سنگم	ناهيد نواز	127
4. سماتري (سمن جي تاريخ)	موهن ديو راج ٿونٽيا	139
7. قديم سنڌ ۾ پورهيو	ڪلثوم مجيد	146

English Section

Honour Killings in sindh: A Sociological Analysis

Dr.Fateh Muhammad & Hamadullah Kakepoto

موهن ديوراج ٿونئيا

سماٽري (سمن جي تاريخ)

ڇهين صدي عيسوي ۾ ديويندر، جيڪو هندن جي اوتار شري ڪرشن ڀڳوان جي قبيلي جادوَ (Jadav) منجهان ٿيو آهي، جا چار پٽ هئا. جن جا نالا اهن. اسپت، گجپت ڀوپت، ۽ نرپت، جيڪي اڳيان هلي سمہ قوم جا باني مباني سڏيا ويا ۽ سندن پيڙهي مجهان ڪجھہ سنڌ ۾ وسيا ڪجهہ جهونا ڳڙهہ ۽ ڪجهہ ڪڇ ۾ ۽ ڪجهہ وري راجستان ڪي پنهنجي گاديءَ جو هنڌ بڻايو.

مشهور ڪڇي اسڪالر دُلي رائي ڪاراڻي جي گجراتي ڪتاب "ڪڇ ڪلادر" ۾ هن ڄاڻايو آهي تہ نرپت سنڌ ۾ راڄ ڳڙهہ (يعني ٺٽو) ڪي پنهنجي گاديءَ جو هنڌ بڻايو. ڀوپت راجستان مان نڪري جيسلمير تي پنهنجو راڄ قائم ڪيو. اسپت غزنيءَ ڏي ويو ۽ گجپت جي ڀويان اينڊڙ ٻن راڄائن سمہ ۽ چوڙا جهونا ڳڙهہ ۾ هڪ باقاعده "چوڙا سمہ" نالي سان حڪومت جو پايو وڌو.

سنڌ ۾ سمن جي تاريخ ڄام انڙ کان شروع ڪئي ويندي آهي ۽ سندس پيءُ ڄام لاکو ڦُرارو هو، جنهن ڄام انڙ کي ٺٽي جو راجا نامزد ڪيو ۽ سندس مرڻ کان پوءِ ڄام انڙ ٺٽي جو راجا ٿيو. سنڌ جي تاريخ تي لکيل ڪتابن ۾ تمام گهٽ لاکي ڦُراري جو ذڪر ملي ٿو ۽ هو وقت جي ڌنڌ ۾ گم ٿي ويو.

مون کي مهيشوري مينگهواڙن جي جدا جدا پنڊتن کان گهڻئي پراڻيون سماٽريون (واحد سماٽري) مليون جن منجهان هڪ سماٽري سيپٽمبر 1974ع ۾ "مامئي پُراڻ" نالي هڪ گجراتي ڪتاب (ڇپيل احمد آباد، انڊيا) مان ملي ۽ باقي ٻہ سماٽريون ٻين پنڊتن کان مليون.اهي سماٽريون سيئي گجراتي زبان ۾ ڏنل آهن جنهن جو مون هتي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. هيٺ ڏنل ٽن سماٽرين منجهان پهرين سماٽري تہ مٿي ذڪر ڪيل گجراتي ڪتاب ۾ ڇپجي وئي آهي پر

باقي ٻه ڪٿي ٻه ڪونه ڇپيون آهن ۽ هن ريسرچ جرنل ۾ سنڌي زبان ۾ پهريون دفعو ڇپجي رهيون آهن. انهن جا قلمي نسخا تمام پراڻا آهن پر نالن ڪي انهن جي صحيح اچارن ۽ لهجي سان لکڻ ۾ مون گهڻتائي ڪانه ڪئي آهي.

سماترين ڪي جيئن جو تيئن لکڻ ڪان اڳ انهيءَ لفظ "سماتري" جي معنيٰ ٻه سمجهندا هلون. سنڌي ادب ۾ اهو لفظ نئون آهي. ڪڇيءَ ۽ گجراتيءَ ۾ هن جي معني آهي "سمن جي تعريف ۾" (IN PRAISE OF SAMMAS).

پهرين سماتري

"ديويندر جا پتر (پٽ) چار: اسپت، گجپت، نرپت، ڀُوپت ـ نرپت جو جيئو، جيئو جو نيتو، نيتو جو نوتيار، نوتيار جو اوڍار، اوڍار جو چام، چام جو اونو، اوني جو چام راهو، چام راهو جو چام اوڍار، اوڍار جو ابڙو، ابڙي جو لاڪيار، لاڪيار جو لاکو ڦُرارو، ڪريئين نگر سمي جو راڄ، چار چاوڙي جا، ني (۽) چار گوئيل جا وِيا (وياءَ) اونو، سانڌ، وريار اني (۽) گجڻ، اي (اهي) چار چاوڙي جا، انڙ، جيئو، موڙ، ني (۽) منائي، اي (اهي) چار گوئيل جا وِياءَ، سر وڍيو واگهيلي جو سي (سو) موڙ ني (۽) منائي.

پهرين سماتري ديويندر جي ڇئن پٽن ڪان شروع ٿئي ۽ لاکي ڦُراري جي 8 پٽن تي ختم ٿئي ٿي. هن ننڍڙي سماتريءَ ڪي "بنيادي سماتري" چئي سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ تہ ديويندر جي ڇئن پٽن مختلف علائقن ۾ پکڙجي پنهنجي نسل ڪي اڳيان وڌايو ۽ سندن نسل جا بي شمار راجا، بادشاهه، ويڙهو (جنگجو) ۽ عالم ٿيا، جن هند ۽ سنڌ جي اتهاس ۾ پنهنجا نالا امر ڪيا.

نرپت (معني : نر + پتي = بهادر ماڻهن جو اڳواڻ) جي نسبت نامي ۾ لاکو ڦُرارو تمام مشهور ٿيو. ڪڇ جي ڳوٺن ۾ ڪڇي "ماڙو" اڄ ٻه سندس نالي جا قصيدا ڳائين ٿا. لاکي جون ٻه زالون هيون، هڪ چاوڙي شهزادي هئي ۽ ٻي گوهل واڙ (گجرات) جي شاهي گهراڻي جي هئي. انڙ جيڪو لاکي ڦُراري جي مرڻ ڪان پوءِ تخت تي ويٺو سو چاوڙي ماءُ جو پٽ

هو ۽ موڙ ۽ منائي گوهل راڻيءَ جا پٽ هئا. موڙ ۽ منائيءَ حسد جي ڪري انڙ کي قتل ڪيو ۽ ڪڇ ڏانهن فرار ٿي ويا. (ڪڇ ۾ هنن پنهنجي چاچي واگهہ کي قتل ڪري سندس حڪومت هٿ ڪئي). انڙ جي قتل ٿيڻ کان پوءِ سندس پٽ سمو تخت تي ويٺو جنهن کي سنڌي تاريخدان جوڻا يا جوڻو ڪري سڏيندا آهن جيڪو غلط آهي مثلاً تاريخ معصومي ۾ "جام جوڻا" جو نالو اچي ٿو.

"تحفتہ الڪرام" جلد3، صفحا 27، 28 مطبع ناصري بمبئي ۽ "چچ نامہ" جلد 2 ۾ سمن کي سام بن نوح جو اولاد ڏيکاريل آهي. تحفتہ الڪرام جي مطابق "اسپت، گجپت، ڀوپت ۽ جورا سمہ (چوڙا سمہ) جادم جو اولاد آهن" ۽ اٺين پيڙهيءَ ۾ لاکي ڦرارو ٿيو، جيڪو ٻارهين صدي عيسوي ۾ ٿي گذريو آهي. جادوَ جي نالي سان جادوَ قبيلي جي شروعات ٿي ۽ اٽڪل ڇهين پيڙهي کان پوءِ جادوَ قبيلي ۾ هندن جي اوتار شري ڪرشن جو جنم ٿي چار هزار سال پهرين ٿيو، جڏهن تہ اسپت ۽ سندس ٿي ڀائر لاکي ڦراري (A.D1200) کان فقط اٺ پيڙهيون پهرين ڇهين صدي عيسوي ۾ ٿي گذريا آهن.(ڏسو ٿين سماتري)

وڌيڪ تحفتہ الڪرام جي مصنف چئن ڀائرن مان چوٿين ڀاءُ کي نرپت جي بدران چورا سمہ (يعني چوڙا سمہ) سڏيو آهي. جڏهن تہ ڪيچي اسڪالر دلي رائي ڪاراڻي "ڪڇ ڪلاڌر" ۾ ۽ جيمز برگيس پنهنجي ڪتاب "اينٽي ڪئيٽيز آف ڪڇ اينڊ ڪاٺياواڙ" ۾ صفحي 196 تي ان کي نرپت سڏيو آهي ۽ اهو ئي صحيح آهي ڇاڪاڻ تہ چوڙا ۽ سمہ بہ الڳ ڀائر هئا ۽ اهي گجپت جي اولاد منجهان هئا .اِڳتي هلي ٻنهي ڀائرن جي نالن تي جهونا ڳڙهہ ۽ چوڙا سمہ نالي سلطنت مشهور ٿي پر در حقيقت اهو گجپت هو جنهن جهونا ڳڙهہ ۾ پنهنجي سلطنت جو پايو وڌو.

ٻيجي (ٻي) سماتري

آڏ ايڪل مل ايشور ـــ ايشور جو ورما، ورما جو ڪاسم، ڪاسم جو سورج، سورج جو منو، منو جو پدم، پدم جو سوم، سوم

جو جادوَ. جادوَ جو ماڻڪ. ماڻڪ جو سموڊرڻ. سموڊرڻ جو وارمو ڏرڻ. وارمو ڏرڻ جو سُڌرا. سُڌرا جو ساگر ستراڻ. ساگر ستراڻ جو پاڳيرت. پاڳيرت جو رگهو نندن. رگهو نندن جو رَگ راڇا. رَگ راڇا جو اجيپار. اجيپار جو دسرٿ. دسرٿ جو رام. رام جو پڏمبر. پڏمبر جو سمو. سمو جو پڇوڻ. پڇوڻ جو ٻڌار. ٻڌار جو سنگهار. سنگهار جو نت. نت جو نوتيار. نوتيار جو راهو. راهو جو اوٺو. اوٺي جو سمون. سمي جو لاکيار. لاکيار جو لاکو پُرارو. لاکي پراري جو انڙ. انڙ جو سمون. سمي جو ڪاڪو. ڪاڪو جو رائڌڻ. رائڌڻ جو پلي (اصل نالو پرتاب) پلي جو سانڌ. (اصل نالو ساند ويهد). سانڌ جو وريا. (اصل نالو ويرجي) وريا جو لاکا جاڏيجا. لاکا جاڏيجا جو رائيڌڻ. رائيڌڻ جو اوٺو. اوٺي جو گاهو. گاهو جو ويهڻ. ويهڻ جو موڙوا. موڙا جو ڪائيون. ڪائين جو آمر. آمر جو ڄام همير. ڄام همير جا چار پٽ رائپ. سائپ. اليو ۽ ڪينگار. تنهن مان پاٽوي ڪنور (جانشين) ڪينگار. ڪينگار جو پارو. پارو جو پوڄراج. پوڄراج جو ميگهه. ميگهه جو تماچي. تماچي جو رائڌڻ. رائڌڻ جو پراگ. پراگ جو گوئيڙ. گوئيڙ جو ڏيسر. ڏيسر جو لاکو. لاکو جو گوئيڙ. گوئيڙ جو رائڌڻ. رائڌڻ جو پارو. پارو جو راءِ ڏيسر. راءِ ڏيسر جو راءِ پراگمل. راءِ پراگمل جو راءِ ڪينگار. راءِ ڪينگار جو وڄئي راڄ. وڄئي راڄ جو مدن سنگهه.

اها سماتري ڪڇ جي جاڏيجن (جاڙيجن) جي سماتري آهي ۽ هن جي شروعات خدا جي نالي يعني "ايشور" کان وٺي ڪئي وئي آهي. ايشور يعني ڀڳوان. ورما. (صحيح. برهما) کي پيدا ڪيو. هندن جي مطابق ڀڳوان يا ايشور جا ٽي روپ آهن پهريون" برهما" جنهن ڪائنات ۽ مخلوق کي پيدا ڪيو. هن روپ کي خالق (CREATOR) سڏيو ويو آهي. ٻيو "وشنو" جيڪو سڄي ڪائنات جو انتظام هلائي ٿو ۽ ٽيون" شِو" آهي جيڪو هڪ خاص وقت تي ڪائنات کي ختم ڪندو. سماتريءَ ۾ برهما جو پٽ ڪاسم آهي ۽ ڪاسم جو پٽ سورج ٿيو. غالبن سورج کان ئي قديم هندستان ۾

سوريہ ونشي راڄائن جي شروعات ٿي آهي. سماتري ۾ انين پيڙهي جادوَ جي آهي جنهن وٽ شري ڪرشن جو جنم ٿيو پر هتي شري ڪرشن جو نالو نتو اچي، ان ڪري هن سماتري جي مطابق جادو (صحيح يادو) قبيلي ۾ ٻي شاخ جي ٻئي ماڻهو سان نسل اڳيان وڌيو. وڌيڪ هن سماتري مان اها بہ خبر پوي ٿي تہ "سمہ" نالو "سوم" جي نالي مان ٺهيو هوندو.

هن نسخي ۾ ديويندر ۽ سندس چئن پٽن منجهان ڪنهن هڪ جو بہ نالو ناهي جنهن جو ڪارڻ معلوم نہ ٿي سگهيو آهي. پر ڪڇ ۽ گجرات جا ليکڪ پنهنجي ڪتابن ۾ انهن جو ذڪر ڪندا پيا اچن، مثلاً دلي رائي ڪاراڻي "ڪڇ ڪلادر" ۾ ڪڇ ۽ سنڌ جي سمہ راڄائن جو ذڪر ديويندر ۽ سندس چئن مذڪوره پٽن سان شروع ڪيو آهي.

ترٻجي (ٽين) سماتري

پرٿم نارائڻ، نارائڻ جو ورما، ورما جو اَترِي، اَتري جو چندر، چندر جو ٻُڌ، ٻُڌ جو پرُوروا، پُروروا جو آئيوُ، آئيوُ جو نوءِپ، نوءِپ جو جيئاتي، جيئاتي جو جادوَ، جادوَ جو ڪوُشتا، ڪوُشتا جو ٻوڏپتي، ٻوڏپتي جو ديهمي دڪش، ديهمي دڪش جو سُور سين، سُور سين جو واس ديو، واس ديو جو شري ڪرشن، شري ڪرشن جو اشونيڪ، اشونيڪ جو ستانيڪ، ستانيڪ جو ست ويرج، ست ويرج جو سورج مل، سورج مل جو مهي پال، مهي پال جو گنگ داس، گنگ داس جو گوبند مل، گوبند مل جو سورج مل، سورج مل جو شالي واهن، شالي واهن جو سائيت ونج، سائيت ونج جو ورواراَر، ورواراَر جو ڪينگار، ڪينگار جو هر راج، هر راج جو سوم، سوم جو يوچ، يوچ جو پيم، پيم جو ماڻيڪ، ماڻيڪ جو مهي پال، مهي پال جو سيليت، سيليت جو مُوجهہ، مُوجهہ جو ديو ايشٽ، ديو ايشٽ جو چندر چوڙ، چندڙ چوڙ جو دور گڪ، دور گڪ جو وشووارا هر، وشووارا هر جو مور جو ڪائيون، ڪائين جو گوبند، گوبند جو آنند، آنند جو چاموندِ، چاموندِ جو شروڻ، شروڻ جو دُرڪيڻ، دُرڪيڻ جو شالي واهن، شالي واهن جو وڪرم سنگهہ، وڪرم سنگهہ جو يوچ، يوچ جو مهي پال، مهي پال

جو ڪينگار، ڪينگار جو سمو ڄام، سمي ڄام جو نيتو، نيتي جو نوتيار، نوتيار جو ابڙو، ابڙي جو راهو، راهو جو اوڍار، اوڍار جو ابڙو، ابڙي جو لاکيار، لاکيار جو لاکو پُرارو، تنهنجا 8 پٽ انهن مان وڏو موڙ، ٻيو گجڻ، ٽيون وريا،ڻ چوٿون ڄام انڙ، پنجون سانڊ، ڇهون جيهو، ستون منائي (ڪيورن جو ڏاڏو) اٺون قول (قلاٽين) سمي ڪاڪي جو رائڌڻ، رائڌڻ جو پلي، پلي جو سُور، سُور جو ويرئي، ويرئي جو لاکو، لاکي جو ڄام رائڌڻ، تنهنجا پٽ چار، تنهن مان وڏو ديدو، ٻيو گجڻ، (نگر ڄام جو ڏاڏو) ٽيون اوٺو، چوٿون هُوٿي (هوٿين جو ڏاڏو)

انهن ڇئن مان تيلاٽ (جانشين) اوٺي جو، اوٺي جو ڳاهو، ڳاهو جو ويهڻ، ويهڻ جو موڙوا، موڙا جو ڪانيئون، ڪانيئي جا پٽ 8 ، تنهن مان وڏو امرجي، ٻيو پانچاراوٗ جي، ٽيون ويراور جي(ويراور جو ڏاڏو)، چوٿون ورم سنگهه(ورم سنگهين جو ڏاڏو) پنجون اوستيئو(اوستين جو ڏاڏو)، ڇهون ناگيون، (ناگين جو ڏاڏو) ستون ٻُٽو، (ٻٽن جو ڏاڏو) اٺون ٻاراڄ (ٻارڇن جو ڏاڏو)تنهن اٺين ۾ تيلاٽ آمرجي، آمرجي جا پٽ چار تنهن مان وڏو پيم، ٻيو موڪر سنگهه، (موڪ راڄائن جو ڏاڏو)، ٽيون ڪائينو جي (ڪانئين جو ڏاڏو) چوٿون اير انهن چئن مان تيلاٽ (جانشين) پيم تنهنجا پٽ چار: وڏو همير، ٻيو اجوجي، (پيماڻين جو ڏاڏو) ٽيون پاٽجي (پاراڻين جو ڏاڏو)، چوٿون ڪيئڻ جي، (چوڳارن جو ڏاڏو)، هنن چئن مان تيلاٽ (جانشين) ڄام همير، هن جا پٽ چار: اليو جي، (راما ڻڪر جو ڏاڏو)، ٻيو راءِ ڪينگار، ٽيون رائپ (رائپن جو ڏاڏو) چوٿون سائپ(سائپن جو ڏاڏو) انهن مان تيلاٽ(جانشين) راءِ ڪينگار، هن جا پٽ ٻه تن مان وڏو پوراڄ، ٻيو راءِ پارو، تنهن مان تيلاٽ (جانشين) راءِ پارو، ٽيو ڪٽيو ڪينگار ۽ راڄ مليو پارو کي.

ٽين سماتري "جيئن جو تيئن" جي آڌار تي لکي وئي آهي، هن سماتريءَ کي مرڪب نسب نامو (Compound genealogy) چئي سگهجي ٿو. چاڪاڻ تہ هن ۾ قديم هند جي آريا راڄائن ۽ پوءِ

جيسلمير (راجستان) سنڌ ۽ ڪڇ جي راڄائن تائين جو ذڪر ڪيو ويو آهي. هڪ مکيه ڳالهه اها آهي تہ ان ۾ شري ڪرشن جو نالو بہ شامل آهي. معنيٰ تہ شري ڪرشن جي آبا واجداد ۽ سندس اولادن منجهان اهي جيڪي جيسلمير، جهونا ڳڙهه، ڪڇ ۽ سنڌ ۾ تيا انهن جو ذڪر هن سماتريءَ ۾ ملي ٿو.

نارائڻ(پڳوان) ۽ برهما جي ذڪر کان پوءِ اتري (برهما جو پٽ ۽ هڪ مشهور رشي) کان ورورارار تائين قديم حڪومتون هلائيندا رهيا ۽ پوئتي ايندڙ راڄائن مهاراشٽر ۽ راجستان ۾ پنهنجون سلطنتون قائم ڪيون. شالي واهن جنهن جي نالي سان شال واهن جو ڪلينڊر شروع ٿيو سو مهاراشٽر ۾ حڪومت ڪندو هو. ميبل سي ڊڦ جي ڪتاب "ڪرونولوجي آف انديا" جي صفحي نمبر 290 تي جيسلمير تي حڪومت ڪندڙ هر راج (يا ديوراج) ۽ شالي واهن جا نالا درج آهن (ڏهين سن عيسوي)..... وڪرم سنگهہ ۽ يوج کان پوءِ مهي پال ۽ ڪينگار جا نالا اچن ٿا جنهن سان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ مهاراشٽر ۽ پوءِ جيسلمير کان سمن جي ڪنهن ڏاڏي جهونا ڳڙهہ ۾ اچي حڪومت ڪئي. جهونا ڳڙهہ کان فوراً بعد سنڌي سمہ راڄائن جو ذڪر اچي ٿو. جيڪو ويرئي تائين اچي رڪجي ٿو ۽ هن کان پوءِ لاکو جاڏيجا کان وٺي راءِ پارو مل تائين ختم ٿئي ٿو. پارو کان پوءِ ايندڙ راڄائين جا نالا بہ سماتريءَ ۾ ڏنل آهن.